ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# شهر سيوهڻ ۽ علائقي سيوستان جي قديم تاريخ

## ANCIENT HISTORY OF SEHWAN AND SEWISTAN

**Dr. N.A. Baloch,** Renowned Scholar & Emeritus Professor,
University of Sindh, Jamshoro

**ABSTRACT**

This paper deals about the ancient history of the City of Sehwan and of the province of Sewistan of which it was the Capital. Historical facts about the name and origin of the city have been traced out with evidences based on the Geography, History and Literature; not only of the Sindh but also with relation to other provinces and neighbor countries.

جيڪڏهن پڇجي ته سنڌ جو قديم ترين شهر جيڪو اجان تائين موجود آهي سو ڪهڙو آهي؟. ته تاريخي ڄاڻ مطابق اهو سيوهڻ آهي. ماڻهوءَ جي وڏي عمر بابت اڳئين دور جي ڳالهه آهي ته ڪن سگهڙ ماين مان هر هڪ پنهنجي وڏي عمر بابت مثالي بيت ڏنا، ۽ منجهائن هڪ چيو ته:

**جڏ نٽي تي ناهه ڪيو، اڏيو تي ملتان**
**تڏ سٽ سهيلين ساڻ، مون مٽي ڪنئي مٽي تي.**

سيني چيو ته هي اسان ۾ وڏي آهي، پر ان وقت ڪا ٻي جهوني چوي ها:

**جڏ سيوهڻ تي ساماڻو، اڏيو تي ملتان،**
**تڏ سٽ سهيلين ساڻ، مون مٽي ڪنئي مٽي تي.**

ته ان کي ئي عمر ۾ وڏو ڪري مڃيو وڃي ها، ڇاڪاڻ ته نٽي جي شهر جو ناهه چوڏهين صدي عيسوي ۾ شروع ٿيو پر سيوهڻ ان کان تيرهين سئو سال اڳ موجود هو. اهو دليل سيوهڻ ۽ ان سان لاڳو علائقي جي هينئين نالن مان ملي ٿو، جن جو تاريخن ۾ ذڪر آيو آهي: يعني سدوسان، سَدُوستان، سيوستان، سيوان، سِهبان (سهواڻ)، اروڙ، نٽو، بکر ۽ روهڙي به سنڌ جا قديم



شهر آهن جيڪي اڄ تائين موجود آهن پر سيوهڻ انهن سڀني کان آڳاٽو آهي.

### سندَوسان ۽ سنڌوستان

سنڌ ۾، سنڌو درياءَ صدين دوران پٽي پنهنجا وهڪرا ڦيرايا آهن. قديم دور ۾ جڏهن اهو وهڪرو اپرندي طرفان الهندي طرف وڌيو ۽ پهريون پيرو شهر واري ماڳ وٽان مٽيو ته ڪناري سان سيوهڻ واري بستي آباد ٿي. پوءِ اينڊڙ سوَن سالن تائين سنڌو يا ان جي شاخ 'ارل' پٽي شهر ۽ علائقي کي آباد ڪيو. انهيءَ ڪري، سنڌوءَ جي پاٽيءَ تي، سنڌوءَ جي ڪناري لڳ آباد ٿيندڙ هن بستيءَ کي 'سنڌوسان' يا 'سنڌوستان' سڏيو ويو. ملتان جو اصل نالو 'مول آستان' (وسنديءَ جو بڻ بنياد) هو ۽ سيوهڻ جو نالو 'سنڌو آستان' يعني _سنڌوءَ جي بستي ٿيو. انهيءَ ساڳي پاچ سان، اڳتي هلي سنڌو درياءَ جي نالي سان الرُود جو شهر آباد ٿيو. اهو سنڌ تي، ساساني (ايراني) تسلط وارو دور هو. 'رود' (فارسي) معنيٰ ندي، ۽ 'الرود' معنيٰ خاص ندي وارو شهر، جيڪو پوءِ الور يا اروڙ جي نالي سان مشهور ٿيو.

سيوهڻ جي قديم اوائلي نالن بابت اِصطخري جي 'ڪتاب مَسالڪ المَمالڪ' ۾، شهر توڙي علائقي جو نالو 'سندوسان' جي صورت ۾ ملي ٿو.[1] ان بعد ابن حَوقل جي 'ڪتاب المسالڪ و الممالڪ' ۾ 'سدوستان' لکيل آهي ۽ پڻ ان پرڳڻي کي سنڌو درياءَ جي اولهه طرف وارو پرڳڻو ڪري ڄاڻايل آهي.[2] ٿي سگهي ٿو ته سدوسان ۽ سدوستان نالا سيوستان جي بدليل صورت هجن پر جئن ته اهي هڪ کان وڌيڪ تاريخي ماخذن ۾ اصل ائين ڄاڻايل آهن، انهيءَ ڪري اهو دليل وڌيڪ وزندار ٿئي ٿو ته اهي اوائلي نالا 'سنڌوسان' ۽ 'سنڌوآستان' هئا.[3] تاريخ طبقات ناصري ۾ ڄاڻايل آهي ته 'سلطان معز الدين' جي وفات (602هه) بعد سندس سپه سالار ناصر الدين قباچه "سيوستان" فتح ڪيو.[4] تاريخ جهان ڪشاي موجب، سنه 619هه / 1222ع ۾ سلطان جلال الدين خوارزم شاهه 'سدوستان' (سيوهڻ) مان مٽيو ۽ اڳتي وڌي وڃي ديبل تي قبضو ڪيائين.[5]

### سيوستان، سيوان، سهبان، سيوهاڻ، سيوهڻ

سيوهڻ پرڳڻي ۽ شهر جا اهي نالا آڳاٽي ترڪ قبيلي ساڪائن يا سيوين يا سِيٿين (Sythians) جي نالي تان پيا جيڪي پهرين صدي عيسوي کان ونئي هتي ڇانئجي ويا ۽ جن جي سنڌ ۾ حڪومت هئي. سندن طاقت جو پهريون مرڪز، ايران جي ڏکڻ اوير وارو پاڱو هو جيڪو پوءِ سندن نالي پٺيان

ساڪا- اسٿان / سگستان / سجستان ۽ آخر ۾ سيئستان يا سيستان جي نالي سان سڏيو ويو. اتان هو ڏکڻ طرف (بلوچستان ۽ سنڌ ڏانهن) وڌيا ۽ قلات واري پاڳي تي حڪمران ٿيا جيڪو سندن نالي پويان 'سيوا قلات' سڏيو ويو. اجان اڳتي ڪوچ ڪري جڏهن سنڌ جي ميداني علائقن تي ڇانئجي ويا ته اتي سندن مرڪزي ماڳ سيوي / سيبي، سيوستان ۽ سيوان سڏجڻ لڳا. بلوچستان ۽ سنڌ ۾ جن ماڳن ۽ علائقين جي نالن ۾ 'ساڪ، ساڪا، سيوا ۽ سيوي واريون صورتون موجود آهن سي ساڪائن يا سيٿين جي تاريخي ماڳن منزلن جا نشان آهن. مثلاً پنجگور ڪان قلات طرف ڳِڇڪ ۾ ٻه ماڳ اجان تائين ساڪائي قلات (قلعو) ۽ ساڪائي ڪان (ڪاريز) سڏجن ٿا. قلات ڪي سندن نالي سان 'سيوا قلات' سڏيو ويو. سيبي ٻه اصل ۾ سيوي هو. سنڌو ندي جي اولهه طرف وارو سڄو پرڳڻو ويندي مٿي سيوي تائين سيوستان (سيوين جو ملڪ) سڏيو ويو ۽ مرڪزي شهر ڪي سيوان يا سيوهان سڏيو ويو. سامونڊي ڪناري لڳ ديبل بندر (ڀنڀور) جي ڪوٽائيءَ مان، بالڪل هيٺين سطح تي، سيٿين جا آثار لڌا آهن. ان بندر جا ڪندرات ميرپور- ساڪري جي حد ۾ آهن ۽ 'ساڪري' جي نالي ۾ ٻه 'ساڪا' جو عنصر شامل آهي. محقق بيروني ٻن سَنبتن يعني 'ساڪا سنبت' ۽ 'سنڌو سنبت' جو ذڪر ڪيو آهي. جن جي شروعات انهن حادثن سان ٿي جيڪي سنڌ ۾ واقع ٿيا.[6]

جيئن ايران- افغانستان ۾ سيٿين جي نالي سان 'سيستان' سڏيو ويو تيئن سنڌ ۾ 'سيوستان' تي اهو نالو پيو. تاريخي ماخذن ۾ سيوستان بابت پهريان حوالا فتحنامي ۾ ملن ٿا جيڪو علي ڪوفي سنه 1216ع فارسي ۾ ترجمو ڪيو. ان ۾ ڄاڻايل اهي ته اسلام جي آمد ڪان اڳ، ستين صدي عيسوي ۾، ڇچ ۾ برهمڻ جي حڪمراني ۾ سيوهڻ واري پرڳڻي ۾ سيويس نالي قديم قوم آباد هئي. انين صدي ۾ محمد بن قاسم جي فتوحات وقت (711ع) 'ڪاڪاراڄ' (= ڪَڪڙ) ۾ 'سيويس قوم جو قلعو' (حصار سيويس) هو ۽ سڄي پرڳڻي جو نالو سيوستان هو، پڻ مرڪزي شهر سيوستان هو.[7] تاريخ فتوح البلدان ۾ شهر جو نالو ڇٽو 'سَهبان' لکيل آهي، يعني سهوان يا سيوان.[8] پنج سؤ سال پوءِ تيرهين صدي جي شروع (28 — 1224) ۾ مصنف ياقوت پنهنجي ڪتاب 'معجم البلدان' ۾ سيوهڻ ۽ سيوهڻ واري وسيع علائقي ڪي 'سيوستان' سڏيو آهي، ۽ ڄاڻايو آهي ته چوڏهين صدي ۾ سلطان محمد بن تغلق بابت حوالن ڪان وٺي اوڻهويهين صدي ۾ ٽالپرن جي دور تائين سيوهڻ واري پرڳڻي جو نالو 'سيوستان' هو.



## حوالا:


1. اصطخري: ڪتاب مسالڪ الممالڪ، لائيڊن ڇاپو، 1870ع، صفحو 175.
2. ابن حوقل: ڪتاب المسالڪ و الممالڪ، لائيڊن ڇاپو 1872ع، صفحو 130.
3. منهنجي ڏنل هڪ اڳئين حوالي جي پيٺ ۾، هي دليل مون ڪي وڌيڪ وزندار نظر اچي ٿو.
4. طبقات ناصري، فارسي متن، حبيبي جو ايڊٽ ڪيل ۽ ڪابل مان شايع ٿيل، صفحا 493 ۽ 497.
5. تاريخ جهان ڪشاي، مطبوع گب ميموريل لنڊ، جلد 2، صفحا 147-148.
6. تفصيل لاءِ ڏسو رهاڻ هيرن ڪاڻ- جلد ٻيو، (تاريخ) هيٺ.
7. ڏسو فتحنامه سنڌ، راقم جو ايڊٽ ڪيل ۽ 1413هه / 1983ع ۾ اسلام آباد مان شايع ڪيل، (وضاحتون صفحا 79 — 76).
8. فتوح البلدان، دغويه جو ايڊٽ ڪيل، يورپ مان ڇپيل، صفحو 438.